# سنڌ ايڪٽ نمبر VIII مجريه 1996

# SINDH ACT NO.VIII OF 1996

## سنڌ وزيرن جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1996

# THE SINDH MINISTERS (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) (AMENDMENT) ACT, 1996

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII ۾ نئين دفعہ 8_A جو اضافو

Insertion of new section 8_A in the Sindh Act, VIII of 1975

3. منسوخي

Repeal

# سنڌ ايڪٽ نمبر VIII مجريہ 1996

# SINDH ACT NO.VIII OF 1996

# سنڌ وزيرن جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1996

# THE SINDH MINISTERS (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) (AMENDMENT) ACT, 1996

[8 اپريل 1996]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ وزيرن جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ وزيرن جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ وزيرن جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1996 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1975 جي سنڌ

2. سنڌ وزيرن جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ،

| | |
|---|---|
| 1975 ۾: | |
| (i) دفعہ 8 کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو: | ايڪٽ VIII ۾ نئين دفعہ 8_A جو اضافو Insertion of new section 8_A in the Sindh Act, VIII of 1975 |
| "8_A. ڪسٽم ڊيوٽيز يا سيلز ٽيڪس ڪجهہ شين تي لاڳو نہ ٿيندي: ڪي ڪسٽم ڊيوٽيز يا سيلز ٽيڪس سندس ذاتي استعمال لاءِ هڪ مرسيڊيز بينز 280 SEL يا ان برابر تي لاڳو نہ ٿيندي جيڪڏهن سندس مقرري تي يا سندس عهدي جي مدي دوران امپورٽ ڪئي وئي هجي يا وڏي وزير طرفان بانڊ مان خريد ڪئي وئي هجي. | |
| (ii) موجود دفعہ 8_A کي دفعہ 8_AA طور ٻيهر نمبر ڏنو ويندو. | |
| 3.سنڌ وزيرن جون (پگهارون, الائونسز ۽ مراعات) (ترميم) آرڊيننس, 1996 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو. | منسوخي Repeal |

**نوٽ:_ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**